# اسانجي سنڌ



سهڻي پبليڪيشن جي 'آڳاٽو ادب' سلسلي
جو پھريون ڪتاب

# اسانجي سنڌ

[ورهاڱي کان اڳ جي حالتن تي اصلوڪيون ڪهاڻيون]




سهڻي پبليڪيشن

الهندو ڪڇو، حيدرآباد، سنڌ

پهريون ڇاپو: جون - ١٩٤٧

ڇپائيندڙ: موهن پنجابي، باغي پبليڪيشن، هندستاني ساهتيه آستان، فريئر روڊ، ڪراچي

ڇپيندڙ: "جنتا" پرنٽنگ ورڪس، فريئر روڊ، ڪراچي

ٻيو ڇاپو: اپريل - ١٩٧٢

ڇپائيندڙ: طارق اشرف، سهڻي پبليڪيشن، الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

ڇپيندڙ: شرف پرنٽنگ پريس، ياڏي خان چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

پاران: ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت هڪ رپيو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| گذارش (نئون پيش لفظ) | طارق اشرف | |
| اسانجي معنڌ (پهريون پيش لفظ) | شيخ اياز | ٥ |
| هراس | رام امرلعل پنجواڻي | ١٠ |
| پلڙيسري | شيخ اياز | ٢١ |
| سائو سوٽ | موهن پنجابي | ٢٩ |
| دشمن ڪير؟ | ڪيرت ٻاٻاڻي | ۴٥ |

# گذارش

'سهڻي پبليڪيشن' جي پاران 'آڳاٽو ادب' سلسلي جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾، سنڌيءَ ۾ اڻ-ڳڻيا ڪتاب نڪتا هئا، جن مان سوين نه بلڪ هزارين بهترين ڪتاب هئا، جن مان ڪي اصلوڪا ۽ ڪي ترجما هئا. پر افسوس جو ورهاڱي کانپوءِ انهن عظيم ڪتابن جو وڏو سرمايو، يا ائين چئجي ته اُهي سيئي ڪتاب يا ته ضايع ٿي ويا يا اڻ-لڀ. اسين اها ڪوشش ڪريون پيا، ته انهن ڪتابن مان جيترا ڪتاب ملي سگهن، اُهي اسين شايع ڪريون، ته جيئن اِهي اڻ-لڀ ڪتاب سنڌيءَ ۾ وري پڙهندڙن کي ملي سگهن. هي ڪتاب اسانکي جناب **سوڀي گيانچنداڻي** کان مليو، ۽ انهن ڪهاڻين کي جناب **مير محمد پيرزادي** ڪتاب تان پريس ڪاپيءَ لاءِ اتاريو، اسين انهن ٻنهين صاحبن جا شڪرگذار آهيون.

اصل ڪتاب ۾ جيئن ڪهاڻيون ڇپيل آهن، اسان اهڙيءَ ريت ئي هتي ڇپيون آهن، يعني ڪهاڻين جي ٻولي يا ٻيهڪ جي نشانين ۾ ڪابه ڦيرڦار نه ڪئي وئي آهي، البت ترتيب ۾ ڪن مجبورين ڪري فرق اچي ويو آهي. اصل ڪتاب ۾ پهرين ڪهاڻي 'سائو سونٿ'، ٻي 'پاڙيسري'، ٽين 'هراس' ۽ چوٿين 'دشمن

ڪير؟ چيبل هئي. نئين ترتيب لاءِ اسانکي افسوس آهي.

هيءُ ڪتاب اڄ کان سا ڏيا پنجويهه سال اڳ، جون، ۱۹۴۷ع ۾ شايع ٿيو هو. هن ڪتاب ۾ انهيءَ وقت جي حالتن تي لکيل ڪهاڻيون آهن. ۽ انهيءَ وقت جي مناسبت سان شيخ اياز پيش لفظ لکيو هو. پر ڪير چوندو ته اهو پيش لفظ ورهاڱي کان اڳ جي حالتن تي لکيل آهي. ائين پيو لڳي، ته ڄڻ اڄ جي حالتن تي لکيو ويو آهي. فرق فقط ايترو آهي ته انهن ڪهاڻين ۾ هندن کي سنڌ ڇڏڻ کان منع ڪئي وئي آهي، پر گهڻي ڀاڱي هندن سنڌ ڇڏي ڏني، نه فقط عام ماڻهن پر اديب به هليا ويا، ايستائين جو انهن مجموعي ۾ جن ٽن هندو ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون آهن، جن پڻ انهيءَ ڳالهه کي زور ورايو آهي ته هندو سنڌ نه ڇڏين، آهي پاڻ به سنڌ ڇڏي ويا. ڪاش هندو سنڌ نه ڇڏين ها، ڇاڪاڻ ته سندن وڃڻ ڪري هندستان مان مهاجر آيا، هڪ هندو جي مقابلي ۾ ڏهه ڏهه. جيڪڏهن هندو وينا هجن ها، ته سنڌ ۾ اڄ انهن مهاجرن جي اڪثريت نه هجي ها، جنجي ڪري اسانجي زبان ۽ تهذيب خطري ۾ پئجي وئي، نه فقط اهو، بلڪ هاڻ ته عزت ۽ جان کي به خطرو آهي.

اياز ورهاڱي کان اڳ چيو هو ته: اسانکي بهاري نه گهرجن، هن وقت پنجويهن سالن کانپوءِ وري بهارين کي آڻڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن. ۽ انهنکي آڻڻ سان مطلب اِهو اٿن ته سنڌين جي اڪثريت گهٽائجي. جتي اِها سازش پئي ٿئي ته بهارين کي سنڌ ۾ آڻجي، اتي سنڌ ۾

بي ضمير اڄ سنڌ جا ٿي ويري ٿي پيا آهن. سنڌ جو ڪائي، سنڌ جي ڌرتيءَ کي ٿي ختم ڪرڻ گهرن ٿا، جن سنڌين انهن کي مسلمان سمجهي دلين ۾ جايون ڏنيون، اهي اڄ انهن جي وجود کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن.

هاڻ وقت آهي، ته اسين سڀئي سنڌي پنهنجا ويڇا وساري، پنهنجون رنجشون وساري پاڻ ۾ متحد ٿيون، ۽ پنهنجي خلاف ٿيندڙ هر سازش جو مقابلو ڪريون ۽ سنڌ کي بچايون. اها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته اتحاد ۾ وڏي طاقت آهي، جيڪا قوم متحد هوندي، انهيءَ کي ڪو به شڪست نه ڏئي سگهندو.

اڄ اسانجي زبان کي خطرو آهي، اڄ اسانجي تهذيب کي خطرو آهي، اسانجي عزت خطري ۾ آهي، اڄ اسانجو وجود خطري آهي. جيڪڏهن اسانکي پاڻ بچائڻو آهي ته پاڻ ۾ متحد ٿيڻو پوندو. نه ته سنڌ تباهه ٿي ويندي.

اچو ته سڀئي سنڌي عهد ڪريون ته اسين سنڌ جي خلاف ٿيندڙ ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. اسين ڪنهن به حالت ۾ ٻهارين کي سنڌ ۾ اچڻ نه ڏينداسين. اسين هر حالت ۾ سنڌيءَ کي سنڌ جي واحد قومي ۽ سرڪاري زبان بڻائينداسين. پوءِ انهيءَ لاءِ اسانکي ڪنهن سان به مقابلو ڪرڻو پوي، ڪنداسين.

جيئي سنڌ ـــ سدا جيئي سنڌ

ـــ طارق اشرف

## اسانجي سنڌ (پهرين ايڊيشن جو پيش لفظ)

اڄ اسين زندگيءَ ۽ موت جي ڇڙ واٽي تي بيٺا آهيون. ممڪن آهي ته موجوده فرقيوار ڪشمڪش ۾ اسانجي علحدي تهذيب، الڳ قوميت، ٻولي، ادب، آرٽ، اقتصادي (Economic) ترقي، مطلب ته جدا شخصيت ميٽجي وڃي. انڪان ته انڪار نه ڪري سگهبو ته اسين سنڌي هڪ جدا قوم آهيون. اسانجي زندگيءَ جي طرز، رهڻي ڪهڻي، اٿ ويه، خوراڪ پوشاڪ، ٻول چال، وهم وسوسا، اُمنگ اُڌما، ريتون رِوايتون، مشغوليون مصروفيتون سڀ هڪ

وقت چين ۾ زرعي زمين بہ جام آهي.

اسان سياسي طاقتن جي ڦرتين گهرتين ۽ چالبازين ، نعرن جي بلند آوازن ۽ بي معنيٰ واڪن جي ور چڙهي اهو وساري ويٺا آهيون تہ ”اول خويش پو درويش.“ سياڻي سنڌ ۾ ترئڪٽر ڪم آندا وڃن ۽ معدني پاڻ وڌو وڃي تہ اسان جو هاري هينئر ڪان چئوڻي پنجوڻي زمين ڪيڙي سگهندو ۽ جيڪڏهن اسين هينئر پنهنجي زمين ائين خيرات ڪري ڇڏينداسين تہ پوءِ پنهنجن سنڌي پاٽرن لاءِ ڪٿان آڻينداسين؟ مسجد ۾ ڏيئو ۽ گهر ۾ اونده!

پنجابين تہ اسان جي سنڌ کي هڪ گند جو ڍپو ڪئي ٻڌايو آهي. پنجابي رنڊيون سنڌ ۾، پنجابي نيم حڪيم سنڌ ۾ ، پنجابي ڪوڙهيا ڪشتا، ڪمبخت، ڪم فهم سڀ سنڌ ۾! شل نہ ڪنهن سنڌي مسلمان جو ڪم پنجابي مسلمان ۾ پئي! پتو پئجي ويندس تہ سندس هم مذهب ڀاءُ کي ڪائنس ڪيتري نفرت آهي ۽ هو ڪيتري نہ ڪرفر، رعب داب سان ٿو هلي! سنڌ جو قديم پهاڪو آهي تہ ”پنجابي ايڪ تہ پائين ڏون، جي ڏون تہ هي جهڳا هي تون!“

اڄ سچ پچ تہ پنجابين اسانجي جهڳي ۾ اک وڌي آهي، نہ رڳو ايترو پر اسانجي ٻولي بہ اردو ۽ هنديءَ جي جهڳڙي جو شڪار ٿي رهي آهي. اردوءَ جو سنڌيءَ تي قبضو، پنجابيءَ جو سنڌ ۾ زور.

هوڏانهن وري گجراتي ٻنبو سچيءَ ڪراچيءَ جي

چني پراون سان نہ گڏج! ڪجھ ساڃھ سڪہ.

اي سنڌي هندو! تنهنجون وايون ڇو ٻتال ٿيون آهن، تون هراسجي ڇو ويو آهين! ٻڌتر ۾ نہ پئہ، ڪجھ سمجھ سوچ ڪان ڪم وٺ، ڪجھ همٿ ڌار! تون جئپور، اڏيپور مطلب تہ سنڌ ڪان ٻاهر وڃي پنهنجو آپ۔گهات ڪري رهيو آهين. جن سان تنهنجي ڏيٺ ويٺ ۽ ساز سلوڪ نہ آهي، جنجي ٻولي ۽ تهذيب تولاء صفا ڌاري آهي، تن ۾ رهڻ آپ۔گهات نہ آهي تہ ڇا آهي؟ جتي زندگيءَ ڪي قلڻ قولڻ لاء فضا نہ هجي، جتي جذبا احساس دٻيا رهن، جتي دوستي جو دم نہ پرجي، جتي ڌاريائپ ۽ ڌڪا هجن، اتي حياتي موت ڪان بہ بدتر آهي. ڇا ان سياسي ۽ سماجي آپ۔گهات ڪان تون پنهنجي هم قوم ڀائن هٿان مرڻ وڌيڪ پسند نہ ڪندين؟ مرڻو بہ هن ديس ۾ آهي، جيئڻو بہ اتيئي آهي. تو شاھ جو سهنيو ڪيئن وساريو آهي:

مون مارن سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مونکي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جون آئون، پٽ ڪيئن ڀھريان سومرا!

پر توکي ڇيو ڪنهن آهي تہ هتي فساد ٿيندا جو تون لڏپلاڻ جا خيال پيو ڪرين؟ هيءَ صوفين جي سنڌڙي، هي شاھ ۽ سامي، دلپت ۽ روحل جي سنڌڙي، جتي اسين ڪير ڪنڌ تي رهيا آهيون، اتي ڇا جا فتنا فساد، جهيڙا

جٿن هو پنهنجي من- ماني ماڻيندا رهن پر عوام لاءِ اتفاق ضروري آهي.

هي آکاڻيون انهيءَ محبت، اتفاق، حب‌الوطني ۽ بغاوت جو نتيجو آهن. اڄ اسين ترقي پسند اديب هن سماج جي جهوني تصور ۽ رجعت پسند خيالات سان ٽڪر کائي رهيا آهيون. جو سياست حل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿي آهي تنهن کي ساهتيه سمجهائڻ لاءِ نڪتي آهي. اميد ته اسانجي هيءَ ڪوشش وٽرت نه ويندي ۽ انٿين زندگي ۽ نئون نظريو پيدا ڪندي.

ـــــشيخ اياز

## رام اھر لعل پنجواڻي

# هـــراس

سدوريءَ پنهنجي طوطلي زبان ۾ ماءُ کان پڇيو، ”امان، اڃان بابا نہ آيو آهي؟“ هنجي ماءُ جواب ڏنو: ”اچي ويندو. تون آس کان اندر اچ.“ هن پاڻ سان ڳالهائيندي چيو: ”اڄ اُس تہ نہ آهي ڄڻ باه ٻري رهي آهي.“ سدوريءَ ماءُ هونءَ تہ سويل ئي ماني تيار ڪري گهر جو ٻيو ڪم ڪار ڪندي هئي. پر اڄ بزار کان ڀاڄي دير سان آئي هئي، ان ڪري ٿوري دير ٿي ويئي. ڏاڍي گرمي هئي. صبوح نوين بجي کان جهولو لڳي رهيو هو. سخت گرم هوا ۽ ان سان گڏ مٽيءَ جا ننڍا طوفان. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ هن پيري ڏاڍو سخت اونهارو ٿيندو. سويل ئي گرمي ۽ جهولا شروع ٿي ويا هئا. اڃا ميءَ مهني جي پڇاڙي هئي. هونءَ بہ جيڪب آباد گرمين کان مشهور آهي.

سدوريءَ ماءُ کي ڦلڪا پچائيندي ڏاڍي پريشاني ٿي رهي هئي. هڪ اُس ٻيو باه- جنسي جهنم لڳو پيو هو. ايتري ۾ سالوءَ ماءُ گهر ۾ اندر ايندي تعجب وچان چيو، ”اڄ ڇا ٿيو اٿيئي جو اڃا ماني تيار نہ ڪئي اٿيئي؟“

سدوريءَ ماءُ ڦلڪي کي ويليندي جواب ڏنو: ”ويهہ ڇانو ۾ ٿي ويهہ. بس پڇاڙي وارو ڦلڪو آهي. ڀاڄي دير سان وٺي آيا هئا.“

سدوريءَ ماءُ ماني تيار ڪري اچي هن سان ويٺي ڳالهيون

نہ پري وٺ." ماستر صاحب پنکو لوڏيندي چيو.

منگترام سنڌي سڪول ۾ ماستر هو. ننڍي هوندي کان انهي سڪول ۾ تعليم ورتي هئائين. سنڌي فائينل پاس ڪري اتي ئي ماستر مقرر ڪيو ويو هو. ڪي سال تہ هن کي اولاد ٿيو ئي نہ ٿي. ڏاڍا پير فقير گهميو. باسون باسايائين. درگاهون گهميو پر الله تعاليٰ اولاد نہ بخشيس. هن ايمان نہ وڃايو. روز ايشور در اها ئي وينتي ڪندو هو. آخر وڃي ڪنڊڙيءَ واري پير جي مهرباني ٿيس. هن کي اها سدوري ڏيءَ ڄائي هئي ۽ هن پير جي درگاه تي مٺن چانورن جون ٻہ ديڳيون لهرايون هيون.

سدوريءَ ماءُ هن کي پنکو گهمائي رهي هئي. هو ماني کائي رهيو هو. هن پنکو گهمائيندي چيو: "ٻڌو اٿو اڄ شهر ۾ گوڙ آهي. مسلمانن جا وزير بہ اچڻا آهن."

منگترام ماستر ڳالهہ کي سمجهي ويو. اڄ برابر مسلم ليگ جي ڪانفرنس ٿيڻي هئي. سنڌ جو مکيہ وزير ۽ ٻاهران ليڊر بہ اچڻا هئا. وڏي شان و شوڪت ۽ ڌمڌڙي سان ڪانفرنس ڪرڻ جو خيال هون. ڏاڍيون تياريون ڪيون هئائون، زميندارن کان ڪانفرنس لاءِ پيسا ورتا هئائون. ڪن هزار ڏنا هئا تہ ڪن پنج سو، ڪن سو تہ ڪن وري پنجاه. مطلب تہ هر ڪنهن ٿورو ڪي گهڻو ڏنو هو. پنهنجي والنٽيئرن جي واسطي ڪئمپ کولي هئائون. هو خاڪي ڪپڙا پائي، سائو جهنڊو کڻي وتن پيا شهر ۾ پريڊ ڪندا.

هن زال کي آٿت ڏيندي چيو "گوڙ جو ڪو ڊپ ڪونهي. اهو اجايو خام خيال آهي. وزير برابر اچڻا آهن."

سدوريءَ ماءُ کي وڏيڪ همٿ نہ ٿي جو هنڪان وري پڇي. ماستر بہ ڏاڍيون ڳالهيون ٻڌيون هيون. شهر ۾ ڏاڍا افواه هئا. ڪن ڏينهن کان هن جي ڪن تي ڪيتريون ڳالهيون آيون هيون. شروعات ۾ تہ هيءُ انهن کي ٻڌي ڪن لا تار ڪري ڇڏيندو هو. پر ڪن لا تار ڪيستائين؟ هڪ ڳالهہ، ٻي ڳالهہ، ٽين ڳالهہ، هر روز نئين ڳالهہ. ڪڏهن ٻڌي تہ ڊپٽي ڪمشنر مسلمانن کي روالورن ۽ بندوقن جا ليسن پيو ڏئي؛ ڪڏهن ٻڌي تہ نئشنل گارڊ جا ڇوڪرا وتن ٿا ماڻهن کي هيسائيندا ۽ ڊپائيندا ۽ ڪڏهن ڪن تي پوي تہ فلاڻي پاڙي ۾ هندو زال سان هٿ چراند ڪئي ويئي. هو سياءُ جو سانتيڪو هو ۽ دماغ جو ٿڌو. هر ڪنهن مسئلي تي ٿڌي سيني سان ويچار ڪندو هو. ڪوبہ ٻهرو قدم نہ کڻندو هو. سنڌي اخبارن ۾ خوب پڙهيو هئائين تہ ملڪ ۾ ڪٿي ڪٿي دنگا فساد ٿين ٿا. ڪٿي هندو مٺا آهن تہ ڪٿي مسلمان. ان جو سبب ڇا آهي؟ ڇو اهي فساد ٿي رهيا آهن؟ اهڙن سوالن تي مٿو ماريندو هو پر ڪڏهن بہ ڪنهن فيصلي تي پهچي نہ سگهندو هو. آخر خفي ٿي ڳالهہ کي وسارڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڀلا جي فساد ٿين ٿا اهي سنڌ کان ٻاهر ٿين ٿا انهن اسان جو ڇا؟ جيڪڏهن انهن جي مت ڪسجي ويئي آهي تہ ان سان منهنجو ڪهڙو سنبنڌ؟ جي ٻين حيوانيت جي راه اختيار ڪئي آهي تہ انهن اسان جو ڇا ٿو وڃي؟ جي هو هڪ ٻئي کي مارين ٿا تہ اسان جو سک ڇو ڦٽي پوي؟ هو ائين پنهنجي دل کي تسلي ڏيندو هو. اهڙي تسلي جنهن ماڻهن کي ٿوري وقت لاءِ دل جو آرام ملندو هو. جڏهن

منڌ جو مستانو سرڪيءَ جو چڪو بي ڪا ويل وساري وهي ٿڻ ماستر منگترام به اها ڳالهه دماغ مان ڪڍي ڇڏيندو هو. ٿوري وقت ڪان پوءِ ساڳي ڳالهه. ان ڪاڪ پريءَ وانگر جا پنهنجي آشياني تي هري ويندي آهي- هزارين جڳهين جا چڪر هڻندي، مزا ماڻيندي، لطف اڏائيندي، ڪن کي کلائيندي، ڪن کي رئاريندي آخر اچي پنهنجي ماڳ تي پهچندي آهي. فسادن جي ڳالهه به هن جي دماغ ۾ ائين گهر ڪري ويئي هئي.

اج به جيتوڻيڪ هن زال سان ڳالهه ٽاري ڇڏي هئي. تڏهن به هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. سندس نيڻن جي ننڊ حرام هئي- دل بي چين هيس- هزار ڪوششون ڪندي به هو دماغ مان اها ڳالهه ٽاري نه سگهيو- انهن پورن پچائيندي، هوائي قلعا اڏائيندي پنج ٿي ويا هئا. ماستر کي پنجين بجي سيٺ دوارڪاداس جي ٻارن کي پاڙهڻ وڃڻو هو.

اُس جي تيزي گهٽجي ويئي هئي. اڱڻ ۾ ڇانو جو پاڇو به وڏو ٿي ويو هو- ٻاهر پاڻي پيئڻ جا نلڪا به کلي ويا هئا- ماستر به هٿ ۾ ڇٽي کڻي ٻاهر نڪتو.

محمد بخش هن کي ڏسندي چيو، ”ڇو ماستر دير سان وڃي رهيو آهين؟“

”نه يار، پندرنهن ويهه منٽ به دير آهي ڇا؟“ ماستر ورائيو. محمدبخش پڇيو، ”دڪان تي اچين ٿو نه؟ اج ڪاڪي ننديرام سان چوپڙ راند ڪنداسين.“

ماستر هنڪي ها، ها ڪندو هليو ويو. محمد بخش هنجو خاص دوست هو. ميونسپل ۾ ناڪي منشي هو. ياراڻي طبيعت

جو ماڻهو هو. سنگت جو سچو. هر وقت پيو چرچا ڪندو هو. ڪڏهن نہ هن جي منهن تي ڪنهن ڏک جي لهر ڏٺي . هر هميشه پيو ڪلندو ۽ مذاق ڪندو هو. چرچو ڪندو هو تہ سهندو بہ هو. دل جو شينهن هو . وقت سر مڙس ٿي بيهندو هو. جڏهن ٻہ سال اڳ هن جي پاڙي ۾ چور آيا هئا، تڏهن سالوءَ ماءُ جي رڙين ۽ واڪن تي اهو محمد بخش ئي هو جو ٻهريون جاڳيو هو ۽ اٿي همٿ سان هڪڙي چور کي پڪڙيو هئائين .

ماستر جي سيٺ جي ٻارن کي پڙهائڻ تي دل ئي نہ پئي ٿي. هنجا خيال ٻئي هنڌ وسي رهيا هئا. سندس دماغ ۾ فسادن جي ڳالهہ اڃان قائم هئي . جيئن باهہ جي وقت سچو وقت ميونسپل جو گهنڊ وڄندو آهي تيئن هنجي مغز ۾ بہ اهو خيال گهنڊ وانگر وڄي رهيو هو . فساد بہ تہ هڪ باہ مثل آهن . هڪ اهڙي باہ جا پاڙ پاڙ کي ويڙهائي، گهر تر ناس ڪري، پاڙي ۽ پاڙيسرين جو اگر تگر جلائي. ننگن ۽ شرمن جي بي حرمتي ڪري، تهذيب ۽ تمدن جي چمن کي اجڙ ۽ پائمال ڪري، انسان کي حيوان بڻائي . اهڙي خوفناڪ باہ، اهڙي ڀيانڪ باہ جنهن جا تيز شعلا گهرن کي، مائٽن، کي، دوستن کي، سيتا کي، ٻوليءَ کي خاڪ ڪري ڇڏين.

ٿورو وقت گذريو تہ سيٺ دوارڪا داس اوطاق ۾ لنگهي آيو. ماستر اٿي هن کي سلام ڪيو- ويٺي ويٺي سيٺ چيو، ”ماستر صاحب اسان هن چنڊ تي ٻاهر وڃون ٿا ان ڪري ٻارن کي وڏيڪ پڙهائي ڇڏ.“

”ڇو سائين، اڃان ٻارن کي وئڪيشن تہ نہ ملي آهي؟“

چارئي چٽا چوپڙ جي راند ڪري رهيا هئا. ان سان گڏ سندن ڳالهيون به جاري هيون. ماستر جي اندر ۾ سيٺ دوارڪاداس جي ڳالهين طوفان مچائي ڇڏيو هو. سو ماستر چيو، ”سيٺ دوارڪاداس به ٿورن ڏينهن ۾ اڏيپور وڃي ٿو.“

ڪاڪو ننديرام، جنهن سڄي عمر اتي گذاري هئي ۽ ڪڏهن به شهر کان ٻاهر پير نه رکيو هئائين، تنهن چيو، ”اهو پنچايت جو سر پنچ- پر انهن سيٺين جي ڪهڙي ٿو ڳالهه ڪرين. اڄ نه سڀاڻي اهي سڀ سيٺيون ڀڄي ويندا.“

محمد بخش ڊارن کي هٿن ۾ ڦيرائيندي چيو : ”اهي ته هون ۽ به ائين ڪندا آهن.“ ماستر منگترام : ”منهنجا مٿل ائين نه آهي- اڄ ڪلهه خطرو ڏاڍو آهي.“

محمد بخش: ”خطرو وري ڪهڙو آهي- مڙيئي ڇوڪرن کي اڇي ويو آهي مزو سو خاڪي ڊريس پائي، نئشنل گارڊ ٺهڇي، چڪر ڏيندا وتن ٿا.“

ڪاڪي نندیرام حقي مان ٻڙ ٻڙ ڪري ڦوڪو ڏيندي چيو : ”ڇڏيو انهن ڳالهين کي.“ ماستر جنهن جي دل ڊپ کان ڪاچي ويئي هئي تنهن جو چوپڙ ۾ من ئي نه پي لڳو- سيٺ جي ڳالهه هن کي هراس ۾ وجهي ڇڏيو هو. حقي مان دونهون نڪري رهيو هو هراس جو دونهون. ماستر کي ائين پي لڳو ڇڻ ته چوگرد دونهون ئي دونهون آهي : رستن تي، گهٽين ۾، دڪانن تي، جاين تي، باغن ۾، ٻنين ۾، سڪول ۾، ٻاڙي ۾، رانجهي جي دڪان ۾، ماستر جي مغز ۾ دونهون ئي دونهون. هراس جو دونهون جو دل کي سست ڪري، ايمان وڃائي، همت هارائي، سڌ ٻڌ کوهائي، شڪ پيدا ڪرائي.

محمد بخش، ماستر کي جاچي رهيو هو- هو سمجهي ويو هو تہ ماستر جو من راند ۾ نہ هو- هن کي کا چنتا ورائي ويئي هئي: "ماستر ڇا آهي؟ ڇا جو خيال ڪيو اٿئي؟ پاڻ آهيون."

ماستر: "جيڪڏهن هن رات فساد ٿي پوي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟"

غلام رسول: "ڪهڙيون ويٺو ڳالهيون ڪرين؟ ڀيو تہ خير آهي؟"

ڪاڪو ننديرام: "چڱي ڪا ڳالهہ ڪر- ڪين سيٺ جي ڳالهين هيانءُ ڦاڙي ڇڏيو اٿيئي؟"

محمد بخش: "اسان مٺا آهيون ڇا؟ مجال آهي ڪنهنکي جو پاڙي ۾ گوڙ ڪري؟ ڪهڙو حرامي ڄائو آهي؟"

هنن راند پوري ڪئي پر ان ۾ اڄ مزو نہ هو- ماستر پنهنجي رنگہ روپ ۾ نہ هو- ان ڪري محفل مان رنگيني نڪري ويئي هئي- ماستر ۽ محمد بخش اٿي گهر ڏي وڃي رهيا هئا.

محمد بخش هن سان ڳالهيون ڪندي پڇي رهيو هو تہ هن کي ڇا ٿي ويو آهي- هونءَ تہ ماستر هن کان ڪا ڳالهہ لڪائيندو نہ هو پر اڄ ذرا هٻڪي پيو- آخر پنهنجي دل جو حال ٻڌايائين.

پاڙي جا ٻار ونجهہ وٽيءَ راند ڪري رهيا هئا. ماستر جي ڏيءُ سدوري محمد بخش جي پٽ جي سامهون بيٺي هئي.

محمد بخش جي دل ڀرجي آئي ۽ چيائين: "ماستر ڇڏي ڏي سيٺين جي ڳالهين کي. اسان تہ اٿي آهيون. اسانجو پاڙو،

اسانجون جايون، تون ۽ مان ته هتي آهيون. اسان جا ڏاڏا هتي، اسان جا ابا هتي. اسان پيدا هتي ٿياسين، وڏا هتي ٿياسين. سڄي حياتي گڏ گذاري آهي، پوءِ مرنداسين به گڏ."

ماستر پنهنجي ڏيءَ ۽ ٻين ٻارن کي ڏسي رهيو هو. هن به ته ننڍي هوندي گڏجي رانديون کيڏيون هيون. گڏجي واهن تي سنان ڪرڻ ويندا هئا، گڏجي ڪائيندا هئا، گڏجي پيئندا هئا. هو هڪ به ڏينهن محمد بخش کان جدا نه گذاريندو هو. هن جا دلي يار دوستار اهي هئا.

محمدبخش ٻارن کي ڏسندي چيو: "هنن کي ڇڏي وينديون؟ مڙس ٿي ماستر. ڪجهه ٿيو ته اسين ڀرپائيندين. الله تي ڀروسو رک. ياد اٿئي اسان به انهن وانگر گڏجي کيڏندا هئاسين؟ اهي مٽڙا ڏينهن ۽ هي ساڳيو مٽڙو پاڙو."

ڇڻ ته رستي جي ڪنڊ ڪنڊ مان، گهٽيءَ مان، جاين مان، وڻن مان، ٻارن جي واتن مان اهو آواز اچي رهيو هو: "جتي پيدا ٿيا آهيون، مرنداسين به اتي."

**شيخ اياز**

# پاڙيسري!

خانو حجم سئلون ۾ وار ڪٽي رهيو هو ته سامهون نئشنل گارڊ پريڊ ڪندا لنگهيا. چپ راسٽ، چپ راسٽ، چپ، چپ، چپ راسٽ چپ راسٽ .... خاڪي وردين ۾ سگهڙ نوجوان، پگهر ۾ شل، بي پرواهه، خنڪيءَ ڀريا، مضبوط! ڪرسيءَ تي ويٺل سيٺ شامداس منهن ڦيرائي رستي ڏانهن ڏٺو. سندس منهن تي هراس، بيوسيءَ ۽ نفرت جا احساس نهاري رهيا هئا. ”خانو، اهو اڳ ۾ چنڊ تاري جي جهنڊي سان ڪير آهي“ هن هيسبل آواز ۾ پڇيو. ”اهو! اهو سالار خانمحمد آهي. لوهارڪو ڪم ڪندو آهي“.

”خانو“ سيٺ منجهس اعتبار رکندي پڇيو، ”اهي سالار ڇا ٿا چون. ڀشاد (فساد) ڀشاد ته نه ڪندا؟“

خانو هيو ته مسلم ليگي ۽ دل ۾ اسلام جي عروج جا جذبا هيس پر گراهڪن سان هميشه خوش خلقي ۽ لحاظ سان هلندو هو؛ سو چيائين ته، ”سيٺ فساد ڇو ڪندا؟ هي ته صرف ورزش ڪري رهيا آهن.“ ”پر پيلي ورجش (ورزش) ته راما مورتي يا واحد بخش جي آکاڙي ۾ ڪن نه؟ هتي رستي تي ڇو اها چپ راش (راسٽ) چپ راش لڳائي اٿائون. مان ته سپاهي جوڌپور وڃي رهيو آهيان. ٻار ٻچا ۽ جال (زال) ٻال سڀ وٺي ٿو وڃان.“

موهن پنجابي

# سائو سوٽ

ٽانگو هلندو ٿي هليو ڊگهي لنبيءَ مٿي واري رستي تان. ڦيٿن تي لوهه جا پٽا سخت زمين سان لڳي ڪر ڪڙاهٽ ڪر ڪڙاهٽ جو آواز ڪيندا ٿي هليا. سيٺ پنجومل ٻگيءَ واري جي پر ۾ ويهي سوچي رهيو هو. سندس اکيون گهوڙي جي اکين ۾ کتل هيون ۽ دل ۾ ائين ٿي ويچاريندو ٿي هليو ته پٺ کي ڪيئن سجايان. ڪيس ڊپ ۽ هراس ڏيڻ بعد ننگ وجهي ٽڪو هو ليڪن پٺس هيرو ٻڌيئي نه پيو.

”ڏسين ٿو ملڪ ۾ ڪهڙا جهڳڙا فساد وڌي ويا آهن.“ هن عاجزيءَ سان ٻگيءَ واري سان ڳالهه شروع ڪئي.

”ليگي به ڪاهي پيا آهن. بنگال ڪان هليا آهن ۽ هاڻي سنڌ جي نزديڪ اچي رسيا آهن. مس ڪري، سنڌ جي ڪانگريسي اڳوانن کي عقل آيو آهي جو لڏ پلاڻ جي صلاح ڏيئي رهيا آهن. ڪشو آبا اسين به ته آرتوار تي وڃي رهيا آهيون جوڌپور. منهنجي دل ته اول ئي پٺي چيو ته پنهنجو وطن ڇڏي وڃجي پر هر روز شڪارپور ۾ اچي ڏسان ته هرڪو تيارين ۾ آهي. ڪيترا پئنچ بزرگ ته هليا به ويا آهن. هاڻي ته اسان جا ميمبر صاحب به تيارين ۾ آهن. آخر انهن کي به ته دماغ آهي. ڪراچيءَ پيا اچن وڃن. ٽپال ۽ اخبارن ۾ پيا ليک پڙهن. دهليءَ بمبئيءَ کان احوال به انهن کي [illegible]

تي سيٺ شوالي سان جي باغ ۾ ميمبر صاحب به ويٺو هو. سڀ ڪجهه ڪولي رکيائين. ويچاري ڪجهه به نه لڪايو. پنجاب جون ڳالهيون ٻڌي هرڪو ائين ئي پيو چوي "ان کان ته شل ڌرتيءَ ۾ پاڻ پورو ڪجي."

ڳالهه کي روڪي، نماڻيون اکيون ڪري، سيٺ پنئينءَ سيٺ تي ويٺل پنهنجي پٽ هيري ڏانهن نهاريو. هيرو پنهنجيءَ مستيءَ ۾ نئون ڪتاب "سفيد وحشي" پڙهندو رهيو. پيءُ جي نهارڻ تي ڪنڌ مٿي کڻي ڏنائين ته شڪارپور اجان ڪوهه اڌ پرتي هئي.

سيٺ چاهي رهندو خانپور جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هو ليڪن سموري خبر چار رکندو هو. اخبار به روز پڙهندو هو ۽ هفتي ۾ ٻه چار دفعا شڪارپور ۾ ايندو هو ته به پنهنجن سان ويهي ملڪ جا احوال ڏيندو وٺندو هو. ابس به سؤ ايڪڙ زمين جا ڇڏي ويو هو، جنهن کي هاڻ وڌائي ٻه هزار جريب ڪيو هئائين. ڳوٺ ۽ آسپاس جي وڏيرن سان عمر جون ڳنڍيون هيس. ڳوٺ ۾ هڪ ٻئي سان ائين هلندا هئا جو ڪڏهن ڪنهن کي خيال به نه ايندو هو نه ڪو هڪ ٻئي خلاف ڪنهن جو هٿ به هلندو. پر گذريل مهيني اڌ کان شهر ۾ هراس فساد جون ڳالهيون ٻڌي، سيٺ جي دل به سسندي ٿي ويئي. پين کي ڏسي هن به فيصلو ڪيو ته هاڻي لڏي هلي جوڌپور رهجي. آرتوار ڏينهن سيٺ موهنداس سان گڏ وڃڻ جو ويچار ڪيو هئائين. اڄ صبح جو سوير اٿي، پٽ کي وٺي بگيءَ تي چڙهي خانپور کان شڪارپور ٿي هليو چمڙي جون ٻئگون خريدڻ. بگي اچي سٽيشن تي پهتي ۽ سيٺ پٽ کي مارڪيٽ ۾ وٺي

آيو، هوئن تہ ڪڏهين ڇهين ٻارهين مهيني مارڪيٽ ۾ ايندو هو. اڄ شڪارپور ايندي ڳوٺ ۾ يعقوب جي ماءُ سڏي چيو هوس ”هيري پيءُ وڃي ٿو شهر ۾ سير گوشت نہ وٺيو اچين. يعقوب ويو آهي سکر ۽ شام جو ايندو، لکيو اٿس تہ مهمان ايندا، انهن لاءِ ماني ٺاهي رکان.“

پنجو مل مارڪيٽ ۾ اچي ابراهيم جي دڪان وٽ بيٺو. جڏهن بہ مارڪيٽ ۾ ايندو هو تہ ابراهيم کان ٿي ساڳ وٺي ويندو هو. گهڻو ڪونہ ايندو هو. ان هوندي بہ ابراهيم سان سلام محبت جو رستو ٿي ويو هوس.

پنجويهہ سال اڳ پاڻ جڏهن شڪارپور ۾ رهندو هو تڏهن کان ان دڪان جو گوشت کاڌو هئائين. ان زماني ۾ ابراهيم بہ پنهنجي پيءُ قاسم وٽ ڪم ويٺو ڏسندو هو. سيٺ کي ڏسي، اڄ بہ هميشه وانگر ٻئي گراهڪ جو گوشت توريندي، ابراهيم چيو، ”سيٺ ڀلي آيا. حڪم ڪريو.“

”لاهہ هڪڙي ڪم کي“ پنجو مل چيو، ”آءٌ بيٺو آهيان.“

”ها ٻڌايو سيٺ“ ابراهيم ساهميءَ وارو گوشت ٽوڪريءَ ۾ وجهندي چيو.

”ڀين کي بہ هلاءِ.“ سيٺ ورائيو.

”بس سيٺ آيو رهيو. اوهان بہ ڇٽو. اڇو ٽا مهينہ بعد تہ اوهانکي مال نہ چونديءَ ڏيانو.“

”بہ سير نديو ڏج. خيال ڪج. ٻاڙي ۾ ڪي مهمان اچڻا آهن.“

خوش خيرعافيت ڪري ٻئي هڪ ڪٽ تي ويٺا. ”سيٺ“ وڏيري ڳالهه شروع ڪئي. ”نوران تي ڳالهه ڪئي ته تون ٻه ڪوٺ ڇڏي وڃي رهيو آهين؟“

”هائو وڏيرا، ڏسين وينو حال. ڪهڙي سلامتي رهي آهي. آخر ڏن دولت، زالون ٻار ته هرڪنهن کي مٺا آهن. دل ته چيو نه ٿي ڪيو پر ڇا ڪريان. شڪارپور وارو سيٺ موهنداس ۽ ميمبر صاحب ته هر روز ڪن ڪائي رهيا آهن. وتن سارو ڏينهن شهر ڦرندا. اڄ اتي آهن سپاٽي هتي به اچي نڪرندا.“

”سيٺ، هن ڳوٺ ۾ رهندي ڪوئي ڪنهنکي ڪجهه ڪري سگهندو؟ اسان ۾ ابي خالق جو خون ڪونهي؟ تو ۽ مون بندوقون ڇا لاءِ رکيون آهن؟ پوءِ ڪير ڪاهي ايندو؟ تو ڪنهنجو بگاڙيو ٿي ڇا آهي؟ مسلم ليگي آءٌ به آهيان، پر پوءِ تو کي خون ڇو ڪيان؟ تنهنجو هيرو ۽ موهن منهنجا ٻار نه آهن؟ گهٽيون راتيون مون وٽ گهاريون اٿن؟ منهنجي نوران تنهنجي ڌيءَ نه آهي؟ اٿئي ياد ته اڳلي سياري جڏهن ڏاڙيل ڪاهي آيا هئا ته ڪيئن نوران، هيري، موهن ۽ سندس مائٽن کي منهنجي حويليءَ ۾ بند ڪري، ٻاڻ بندوقون کڻي مقابلو ڪيو هئوسين؟ چورن سان ٻڳاسين ۽ هاڻي تو کي نيشنل وارا ماري ويندا. اچي ڪو هن ڳوٺ ۾ اسانجي اکين تي. باقي ڪنهن آڱر کڻي ته خير نه آهي. متان ڪڏهن سيٺ اهو خيال ڪيو اٿئي. هتي جمعدار يعقوب ڇا لاءِ وينو آهي؟ عملدار ۽ جمعدار ڇو وهاريا اٿون؟ تنهنجي عزت منهنجي آهي. خاطري ڪر ته جيسين آءٌ هن ڳوٺ ۾ وينو آهيان، تيسين ڪو منهنجي اما ڌيءَ ڏانهن اک نه کڻندو. تو کي

پنهنجا ٻار روانا ڪيا آهن؟ پلا ڪاسائيءَ چو چار آنا وڌيڪ ورتائين، اتيئي عباس، ڏوٻي، ۽ وڏيرو پيو ياد ڪري. سامهون رجب ڪٽڪ جي ماني پنين ڏانهن ڪنيون ٿي ويو. ڏسي خيال آيس. هاٺو برابر ٻاهر ته ڪجهه ٻه نه ملندو. گيهه، ٻصر، مکڻ، ڏهي، ڍوڍو، انب اتي ڪٿي؟ پاپڙ نه هوندو ته تيل گيهه مٿان ٻاٺي ڪيئن پيئبو؟ هڪ ٻه ٽي چار پنج ڏهه منٽ ساڻ ۾ سوچيندو رهيو. سامهون جڏهن جانو بندوقون کڻي اوطاق مان نڪتو ته سندس خيال ٽٽو. تڏو ساهه پيري، اچا ٻه گنپير اڪين سان چيائين،"هاٺو وڏيرا، هاٺي ڪاڏي ويندس؟ پنهنجن پيرن هتان مٿاسين ته گهوريا سين."

## ڪيرت ٻاٻائي

# دشمن ڪير؟

(۲)

اڄ گهگو وڃڻ سان راموں بلڪل ٽڪڙو پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو. هونئن ته پنهنجن يارن دوستارن سان ڳالهائيندو ٻولهائيندو اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندو اچي گهر پيڙو ٿيندو هو. سندس خاص نينهن رمضان سان هو، جو ته هڪ ته هن جو گهر پرسان هوندو هو ٻيو ته هو هڪ شريف غريب مسلمان هو. ابي ڏاڏي کان وٺي هنن جو هڪ ٻئي سان گهرو رستو هو. ڏک سک ۾ ڀائيوار هوندا هئا. جيڪڏهين ڪنهنجي گهر اٽو نه هوندو هو ته ٻئي جي گهران اڌارو وٺو پرائي وٺي ايندو هو. جيڪڏهين هڪ جي گهر دال ڀاڄي نه ٿيندي هئي ته ٻيو ڪوئي ڪسوئي پنهنجي دوست جي گهر ڏرو موڪلي ڏيندو هو. جيڪڏهن هڪ بيمار ٿيندو هو ته ٻيو سندس سار سنڀال لهندو هو ۽ دوا درمل ۽ ٽهل ٽڪور ۾ ڪين گسندو هو. هندو مسلمان هوندي به انهن ۾ سڳي ڀاءُ وارو قرب ۽ محبت هئي. ننڍي هوندي کان هو دوست ٿي رهيا هئا. گڏ "اٽي ڏڪر" راند ڪئي هئائون، چڊي سان کيليو هئائين. گاجرا واه ۾ گڏ وهنجيا ۽ تريا هئا سارو وقت هڪ ٻئي جي گهر پيا نينگر ٿيا ڏيندا هئا. وڏا ٿيا تڏهن به خوش قسمتيءَ سان ساڳئي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ لڳا.

حڪومت آئي آهي .... اسانجي پاڙن ۾ اسانجي حڪومت آئي؟ تہ پوءِ هاڻي اسانکي ڇا گهرجي. آزادي تہ ملي ويئي- رامون منجهي پيو تہ پوءِ هندن کي مسلمان ڇو ماريندا. هيءَ تہ عجيب اسرار آهي- هنجو دماغ وڌيڪ سمجهي نہ سگهيو- ڪيتري ڪوشش ڪندي بہ هو اونده ۾ هٿوراڙيون ڏيندو رهيو.

هوڏانهن خوب بحث هلي رهيو هو. ڪنهن چيو تہ هينئر اسانجو خير ڪونہ آهي. مسلمان تمام وڏيون تياريون ڪري رهيا آهن. بلڪل جلد فساد لڳڻ وارو آهي، جنهن ۾ هندن جي جان، مال ۽ شان جي ڪابہ سلامتي ڪونہ آهي. هرڪو پنهنجو رايو پيش ڪري رهيو هو. ڪنهنجو ويچار هو تہ اسانکي بہ خوب تياريون ڪرڻ گهرجن ۽ مقابلي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. ڪنهنجو ويچار هو تہ هتي رهڻ سان اسانجي ڪابہ سلامتي ڪين ٿيندي تنهنڪري هتان لڏي ڪنهن پرواري هندو رياست ۾ هلي زندگيءَ جا باقي ڏينهن بسر ڪرڻ گهرجن. رامون جو مغز ويتر وڌيڪ ڦرڻ لڳو. هنکي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪين ويئو- پنهنجن خيالن ۾ محو هو. خيالي درياه ۾ غرق ۽ غلطان. پاڻ کي بي چين ۽ بي آرام سمجهڻ لڳو. ڪلاڪ ختم ٿيو تہ سڀ مزدور وڃي ڪم تي چڙهيا. سيڪو پنهنجي ڪم ۾ مشغول هو. ڪارخاني جي اندر پڻ روزاني فضا ڪين هئي. لوهي مشين سان گڏو گڏ انسان پڻ مشين جي پرزن وانگر هلي رهيا هئا. خوشيءَ جي لهر جي بجاءِ نراسائي ۽ ماندائي غالب هئي. رامون پنهنجي جڳهہ تي ڦيٿيون وجهي رهيو هو پر ساڻ ئي سات سندس دماغي مشين پڻ چالو هئي. هو ور ور ڪري ڳالهين کي سوچي رهيو هو پر سندس دماغ ۾ هڪ

چيز به سمجهه ۾ نه اچڻ لڳي. گهو گهو وچڙ ڪانپوءِ به هنجي مغز تي سڄي ڏينهن جا خيالي منترڪا زور سان ڏڪ ڏڪ ڪري رهيا هئا ۽ هو سڌو ٿي پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو هو.

رامون گهر پهتو ۽ ڪپڙي تڪر هٿ ۾ ڪٺي راشن شاپ ڏانهن روانو ٿيو. هيءَ سندس روزاني ڪار هئي جيئن ڪارخاني مان روز وٺي شام جو موٽندو هو تيئن جيڪي بارهن آنه روزانو ملندو هئس، انهن مان چار آنه گهر ۾ رکندو هو باقي ۸ آنه ڪٺي دڪاندار وٽ ايندو هو جنهن مان اتو تيل ۽ دال وٺي گهر ايندو هو. سندس زال ماني تيار ڪندي هئي جا هو اڌ رات جو ڪائي سمهي پوندا هئا ۽ باقي بچيل مان هو صبوح جو اڌ حصو ڪٺي مل ڏانهن روانو ٿيندو هو. رامون دڪان تي پهتو. هميشه وانگر قطار لڳي پئي هئي، هو پڇاڙي ۾ بيهي رهيو. جيستائين سندس وارو اچي تيستائين ڪيس اوباسيون ڏيئيون هيون، هر ڪو چپ چاپ پنهنجو سيڌو وٺندو رهندو هو ۽ هر هڪ واري سان رامونءَ جو هڪ نمبر ويجهو ايندو رهيو. ايندڙ ماڻهو هڪ هڪ ڪري سندس پٺيان قطار لڳائيندا رهيا. هڪڙو آدمي جيئن دڪاندار کان سامان وٺي رهيو هيو تيئن هنڪان سوال پڇيائين، ”ها پائي! هيءُ جو اسان ٻڌو آهي ته شهر ۾ جلد هندو مسلم فساد ٿيڻا آهن اها ڳالهه ڪيئن آهي؟“

”ها! ابا اسان به اهي افواه پيا ٻڌون خبر ته خدا کي آهي ته الائي ڇا ٿيندو،“ دڪاندار دال تارازيءَ ۾ وجهندي چيو.

”چون ٿا ته هندو هتان لڏي ٿا وڃن.“

ساڳئي ماڻهو وري سوال پڇيو.

ٻجھائڻ لاءِ ڪانئيندو رهيو. روزمره ڪان بلڪل گهٽ ماڻي ڪائي هو منجيءَ تي ليٽي پيو. تمام ٿڪل هوندي به ڪيس ننڊ نه آئي. هن اکيون بند ڪري سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر هنکي ننڊ نه آئي. هو تارا ڳڻيندو رهيو. سڄي ڏينهن جا واقعا هڪهڪ ڪري سندس اکيان سئنيما جي تصويرن وانگر ڦرڻ لڳا. دير دير تائين دماغ جي پڙدي تي عجيب کيل هلندا رهيا ۽ پوءِ خبر نه آهي ته ڪڏهن کيس ننڊ اچي وئي.

مٿئين واقعي کي هفتو گذري چڪو آهي. رامي جي حالت روز بروز خراب ٿيندي رهي. هر روز هو نيون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. اڄ ڪلڪته ۾ فساد لڳا. اڄ بمبئي ۾ جهڳڙو وڌي ويو آهي. هزارين هندو مسلمان هڪٻئي جي هٿان قتل ٿي ويا. سوين ماڻهون دربدرٿي پئجي نڪتا آهن ۽ پريشان گهمندا رهن ٿا. سنڌ ۾ حالتون خراب ٿينديون ٿيون وڃن. ڪيترا سنڌي ماڻهو پر وارين رياستن ڏانهن لڏي ويا آهن. پاڙن جا پاڙا لڏ پلاڻ ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. جدا جدا شهرن جون پنچاتون ٻاهر وڃڻ جا رستا ڳولي رهيون آهن. روزانو هنجو مٿو چڪر ڪانئيندو هو. هو پريشان رهندو هو. ويچار ڪندو هو ته هيءُ چوڌاري ڇا ٿي رهيو آهي، هي ڪهڙو عجيب کيل ملڪ جي اندر هي رهيو آهي.

اڄ هڙتال جو ڏينهن آهي، رامي دل ۾ ويچار ڪيو ته ڪارخاني ڏي وڃان يا نه؟ اڳي ۾ ته اسٽرائيڪ ٿيندي هئي ته هو گهٽو ڪري گهر ۾ ويهي رهندو هو. کيس وڏيون ڳالهيون ته سمجهه ۾ ڪين اينديون هيون، فقط کيس اها خبر هئي ته ڪارخانيدار ڪان پنهنجي حق جون طلبون پيش

ڪيون ويندڀون هيون جنهن ۾ هنجو ٻه پلو هو تنهن ڪري هو پڻ مزورن سان گڏ ڪم تي ڪمڻ چڙهندو هو. هنجي دل اڄ ٻه گهر ۾ ويهي رهڻ تي هئي پر ڪيس الأئي ڪهڙو خيال ڪارخاني ڏانهن ڇڪي رهيو هو. هو اٿيو ماني ٽڪر ڪپڙي ۾ ٻڌي ڪارخاني ڏانهن رخ رکيائين. هن رات جو ننڊ ڪئي هئي پر بدن جو هرهڪ عضوو سور ڪري رهيو هوس. سندس جسم بلڪل ڳورو هو ۽ وسامي رهيو هو. بدن ۾ هڪ عجيب ٿڪاوٽ محسوس ڪري رهيو هو ٿورن ڏينهن کان سندس جسم ۾ اها تازگي ۽ فرحت غير حاضر هئي. سندس رات جو ننڊ آرام ڦٽي ويو هو. هو ڪارخاني کي ويجهو پوندو ويو ته مزدورن جي هڙتال ۽ وڏنڌڙ ميڙ کي بخوبي ڏسندو رهيو. جانٺا جوان سندس ڪارخاني جا رفيق دروازي وٽ محڪم ۽ مضبوط ارادي سان بيٺا هئا ۽ اندر ويندڙ مزدورن کي روڪي رهيا هئا ۽ کين سمجهائي رهيا هئا ته مزدور اتحاد ٿي اسانجي فتح جو مضبوط هٿيار آهي. انقلاب زنده باد ۽ دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو جا نعرا آسمان تي گونجي رهيا هئا. مزدور وڏي آواز سان ڳائي رهيا هئا.

ساري دنيا کي مزور يه وقت آيا،
جنگ هماري آخرين اس پر هئہ فيصلا.

ٽڪڙو ٽڪڙو مزدور هر طرف کان ڏوڪيندا آيا. ڏسندي ڏسندي وڏو شاهي ميڙ ٻڌجي پيو. مزدور اڳواڻ ڪرسيءَ تي اٿي بيٺو. چوڌاري خاموشي ٿي ويئي. پر جوش اکرن ۾ هن تقرير شروع ڪئي، ”رفيقو اڄ اسان پنهنجون واجبي طلبون پيش ڪيون آهن، اسان جا حق آهن جن لاءِ اسانکي

متحد ٿي بيهڻ گهرجي. ڪارخانيدار توهان کي لالچيون ۽ دڙڪا ڏيندا. توهانکي ٽپلائڻ جي ڪوشش ڪندا. توهين انهن جي ڄار ۾ ڦاسي نه وڃجو. اڄ نئين قسم جي هوا لڳي رهي آهي. هي ڪارخانيدار توهان جي اڳيان اڄ نئين سر مذهب ۽ ڌرم جون ڳالهيون ڪندا. هندستان ۽ پاڪستان جا ٻوٽا ٻڌيندا. اها انهن جي صرف چالاڪي آهي. مزدورن جو مفاد هڪ آهي ۽ مزدور اهڙين چالاڪين ۾ ڪين ڦاسندا. اڄڪلهه هراس پيدا ڪيو ٿو وڃي ۽ نئين قسم جو ڀوت پيدا ڪيو ويو آهي. هي فساد سرمائيدارن جا هٿرادو پيدا ڪيل آهن جيئن هو اسان کي ويڙهائي پنهنجا مطلب سڌا ڪن. اسان مزدور هڪ طبقي جا آهيون ۽ هي سرمائيدار اسان جا دشمن آهن جيڪي اسان ۾ نفاق پيدا ڪري پنهنجي طاقت ۽ هستي قائم ۽ مضبوط ڪرڻ گهرن ٿا. اڄڪلهه جيڪي افواه پيدا ڪيا ويا آهن اهي هٿرادو آهن. مزدورن کي ڇا آهي جو اسان کي دٻ ڪرڻ گهرجي. اسين پاڻ ۾ ڇو وڙهون ۽ پنهنجو گلو ڇو ڪپيون. مال ملڪيتون، محل ماڙيون ۽ طاقت انهن جي هٿ ۾ آهي اسان ڇا لاءِ لڙون - پيٽ بکيو، جسم اگهاڙو آهي. اسان جو جهاد هڪ ٻئي جي خلاف نه پر مٿين طبقي جي خلاف آهي، اسان جي مزدور برادري هڪ آهي. هيءُ ملڪ ۽ ديس اسان جو آهي، هيءُ شهر اسان جو آهي. هر چيز تي اسان جو حق آهي. اسان جي هيءَ گڏيل ملڪيت آهي. اسين پنهنجي ملڪ ۽ شهر جي اندر ٻي شانائتيون حالتون پيدا نه ڪرڻ ڏينداسين."
ميڙ ۾ بلڪل خاموشي هئي، هرڪو مزدور غور سان تقرير

ٻڏي رهيو هو. وچ ۾ تاڙين ۽ نعرن سان آسمان فلڪ شگاف ٿي رهيو هو. رامي اڳ ۾ اهڙي قسم جي فضا ڪين ڏٺي هئي. هيءُ پهريون دفعو هو. هو بلڪل انتظاريءَ مان هر چيز کي ڏسي رهيو هو ۽ ٻڏي رهيو هو . سندس دماغ عجيب چڪر ۾ هو. هو ڪيل جي ٻي تصوير ڏسي رهيو هو. سندس دل ۾ عجيب امنگ ۽ اڌما اٿي رهيا هئا. سندس جسم جي هر نبض چڪجي ويئي هئي. هن جا وار ڪڙا ٿي ويا هئا. هنجو ساه ٽڪڙو ٽڪڙو ڪجي رهيو هو. اوچتو پوليس! پوليس!! جو آواز آيو. لنبازي شروع ٿي ويئي هئي . مزدور زمين دوز ٿي رهيا هيا. هندو مسلم مزدورن جا جسم رت سان تر ٿيندا رهيا. هو هڪ ٻئي سان گڏوگڏ زمين داخل ٿيندا ويا. ٻنهين جو خون گڏ وهڻ لڳو. سندس گذريل هفتي جو غبار ڪن ۾ غائب ٿي ويو. هن جي دماغ جي صفائي ٿي ويئي هئي. هن جو مونجهارو ختم ٿي رهيو هو. گذريل واقعا ڪيس سپنا محسوس ٿيڻ لڳا. حقيقي اتحاد جي تصوير سندس اڳيان هئي جنهن ۾ سڀني مونجهائيندڙ مسئلن جو حل ڏسي رهيو هو. هو وڌي اڳتي ويو ۽ ميڙ ۾ داخل ٿيو. چوڌاري اکيون ڦاڙي نهارڻ لڳو. سندس هندو مسلم رفيق رت ۾ رنگيل هئا. اڄ سندس دل خوش هئي ۽ هو مشڪي رهيو هو ۽ دماغ ۾ عجيب ولوڙا هئا. راما ياڏو! سندس ڪن تي ننڍو آواز پيو. هن چوڌاري نهاريو. ٿورو پري رمضان رت ۾ تر پيو هو. هو جلد اوڏانهن ڊوڙيو. ڪيس پنهنجي آغوش ۾ کڻي سندس مٿو پنهنجي گوڏن تي رکي سندس رت پنهنجي ڌوتيءَ جي ٻاسي سان اُگهڻ لڳو. سندس دماغ ڏک ڪري رهيو

هو ۽ دل ڳالهائي رهي هئي: ”هي ۽ هندو مسلمان جو جهڳڙو نه آهي پر سرمائيدارن جي چالاڪي آهي، سرمائيدار ئي اسانجا دشمن آهن ۽ نه غريب مسلمان؛ هي غريب مسلمان ته اسانجا ڀائر آهن، اسانجي جگر جا قطرا هو اسانکي ڇو ماريندا، هو ته اسان سان ڪلهي ۾ ملائي گڏ خون وهائيندا؛ هنن ڪي مارڻ مان ڇا ورندو؟ هننجي قسمت ته اسان سان ڳنڍيل، آهي. مظلوم هندو ۽ مسلمان جي قسمت.“

ورهاڱي کان اڳ، جا بهترين ڪتاب
جيڪي هاڻ اڻ-لڀ ٿي ويا آهن

# سهڻي پبليڪيشن

جي پاران انهن کي ٻيهر شايع ڪرڻ جو پروگرام شروع ڪيو ويو آهي. پهريون ڪتاب اوهانجي هٿ ۾ آهي.

## ايندڙ ڪجهه ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا

١- سفيد وحشي ڪهاڻيون — شيخ اياز

٢- آرسي — ڪهاڻيون — آسانند مامتوراء

٣- شاعر — ناول — آسانند مامتوراء

٤- ورهاڱي کان اڳ جون چونڊ ڪهاڻيون — مختلف ڪهاڻيڪار